

# سنڌ ۽ عدليه کان انتظاميه جي علحدگي




جي. ايم. سيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ

## ۾

# عدليہ کان انتظاميہ جي علحدگي

جي. ايم. سيد

مرتب: آزاد قاضي

جي ايم سيد لٽريري سوسائٽي

ڪراچي

Soorih Mirani

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري جا سپ چق واسطا قائم

عنوان : سنڌ ۾ عدليه کان انتظاميه جي علحدگي.

ليکڪ : جي. ايم. سيد.

مترجم : خادم جوڻيجو

مرتب : آزاد قاضي.

ڇاپو : پهريون.

سال : جنوري 2002ع

ڇپائيندڙ : جي. ايم. سيد لٽريري سوسائٽي ڪراچي

قيمت : 40/=

( اداري جو ائون ڪتاب )

**G. M. Syed Litarary Society**

Karachi

2002

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وچـــــور

اداري پارانِ: : عـــلي نواز ٻُٽ

ٿورا نہ ٿورا : آزاد قــاضـي

مقدمو: : آزاد قــاضـي

سنڌ ۽ عدليہ کان انتظاميہ جي علحدگي : جي. ايم. سيد

ڪتاب بابت رايا

تبصرو: عبدالوحيد ڪٽپر

رايو: سوڀو گيانچنداڻي

عدالتي صورتحال بابت رايا

ڪليل خط: جسٽس (ر) سجاد علي شاهہ

عدليہ ۽ فوجي حڪومت ۾ ٽڪراءُ: اياز امير

**ENGLISH TEXT**

SINDH AND SEPARATI(N OF JUDICIAL FROM EXECUTIVE

G.M. SYED

# پنهنجي پاران

جي. ايم. سيد لٽرري سوسائٽيءَ جو هي انون ڪتاب آهي. جيڪو سائين جي. ايم. سيد ”عدليه ڪان انتظاميه جي علحدگي“ عنوان سان ورهاڱي کان اڳ هڪ پمفليٽ جي صورت ۾ لکي ورهايو هيو. جنهن جي مني صدي گذرڻ کان پوءِ به هن خطي ۾ اوتري ئي اهميت آهي. جيتري اُن وقت هئي. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾ جن مسئلن ۽ ماجرائن جي نشاندهي ڪندي، انهن جي درد جو درمان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. انهن ۾ اڃان تائين ڪا ئي به تبديلي ڪا نه آئي آهي. اڄ به وڏيري، پوليس ۽ جج صاحبان جو پاڻ ۾ ساڳيو ئي ناتو آهي.

جي. ايم. سيد لٽرري سوسائٽيءَ جو مقصد جيئن ته سائين جي. ايم. سيد جو پنهنجو لکيل، ڇپيل ۽ اڻڇپيل مواد ۽ سائين جي. ايم. سيد بابت ٻين جو لکيل مواد گڏ ڪري ۽ ڇپائي عوام جي سامهون آڻڻ آهي ته جيئن گهٽي کان گهٽا پڙهندڙ سيد جي ويچارن کان واقف ٿي سگهن. هي ڪتاب پڻ انهيءَ مقصد ڏانهن هڪ قدم طور ٻيهر نئين ڍنگ سان شايع ڪيو پيو وڃي.

جي. ايم. سيد لٽرري سوسائٽي، مالي مشڪلاتن سبب گذريل سال سائين جي. ايم. سيد جي سالگرهه يا ورسيءَ جي موقعي تي ڪو به ڪتاب ڇپرائي نه سگهي. انهيءَ ڪوٽ کي في الحال ته پورو نه ٿو ڪري سگهجي پر پوءِ به ”دير آيد درست آيد“، هڪ ڀيرو وري اوهان اڳيان حاضر ٿيا آهيون.

جي. ايم. سيد لٽرري سوسائٽي، سائين جي. ايم. سيد جو هي ناياب ڪتاب ڇپائڻ پاڻ لاءِ اعزاز تصور ڪري ٿي.

**علي نواز ڀٽ**

سيڪريٽري

جي. ايم. سيد لٽرري سوسائٽي

ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٿورا نہ ٿورا

هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ وقت بہ وقت جن جن مهربان دوستن ڪان جيترو تعاون ملندو رهيو آهي، تن جو هتي شڪريو ادا ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ان سلسلي ۾ بنيادي محرڪ پنهنجو محسن سائين غلام سنڌي آهي، جنهن جي ڪوشش سان ئي هي ڪتابڙو، محترم خادم حسين جن ڪان ترجمو ٿي مليو. جنهن تي محترم عبدالخالق جوڻيجي بي انتها مصروفيتن جي باوجود نظرثاني ڪري، ڪجهہ اهم تجويزون ڏيئي مواد جي سڌاري ۽ واڌاري ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

اسان جو ارادو هيو تہ مختلف وڪيل صاحبن ڪان هن ڪتاب جي اهميت ۽ افاديت بابت تبصرا ۽ تجزيا لکرائي هن ڪتاب ۾ ڏنا وڃن ها. پر ان سلسلي ۾ باوجود گهڻي عرصي تائين ڪوشش ڪرڻ جي، ڪيترن مهربانن وٽان ڪا بهتر موٽ ڪانہ ملي، ان جي باوجود محترم سوڀي گيانچندائي ۽ محترم عبدالوحيد ڪٽپر جا شڪرگذار آهيون جن پنهنجي بهترين راين ڪان نوازيون ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ جي سلسلي ۾ نيڪ مشورا ڏنا.

اسين مٿي ذڪر ڪيل مڙني مهربانن جا دلہ جي گهراين سان شڪر گذار آهيون.

"ٿـــورا نہ ٿـــورا، مـــونتي مـــاروئڙن جا"

آزاد قاضي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مقدمو

پياري پاڪستان ۾ عدليہ کي انتظاميہ کان ڌار رکڻ وارو سوال تمامِ پراڻو آهي. اهو سوال انگريز بهادر جي دؤر کان وٺي زير بحث آهي، جنهن جو هن وقت تائين ڪوبہ معقول ۽ مناسب حل تلاش نہ ڪيو ويو آهي.

حقيقت اها آهي تہ پيارو پاڪستان انگريز بهادر لاءِ پنجابين طرفان ڪيل خوشامند جي بدلي طور ڪين عطا ٿيل هڪ تحفو آهي (جنهن جو اعتراف ڪيترن ئي حقيقت پسند پنجابين پڻ ڪيو آهي) جنهن ۾ اڃا تائين ڪيترائي انگريزن وارا قائدا، قانون ۽ حڪمت عمليون رائج عمل آهن، جن منجهان علدلہ ۽ انتظاميہ کي گڏيل طور هلائڻ وارو طريقي ڪار پڻ هڪ آهي. انگريز بهادر کي ننڍي کنڊ ۾ مضبوط راڄ هلائڻ لاءِ جيئن تہ مضبوط تر انتظاميہ جو مظاهرو ڪرڻو هيو انڪري انهن عدليہ ۽ انتظاميہ کي گڏ هلائڻ واري اصول تي عمل ڪيو. انگريزن ويندي ويندي نہ رڳو هتان جي حڪمرانيءَ جون واڳون پنهنجي منظور نظر ماڻهن جي حوالي ڪيون پر انهن کي پنهنجا صلاحڪار ۽ مددگار جهڙوڪ: سرجارج ڪنهنگام، مسٽر موڊي ۽ ميڪفرڪوهار وغيره ڏنا. اهو ئي سبب آهي جو سالن گذرڻ کانپوءِ بہ پياري پاڪستان ۾ اڄ تائين انگريزن واري ڇڏيل اصول موجب عدليہ ۽ انتظاميہ کي گڏي هلايو پيو وڃي نہ رڳو ايترو پر "ڏاچي هٺي ڏهہ، تہ توڏي هٺين تيرهن" جي مصداق انگريز بهادر جي دورِ اقتدار ۾ ڪن موقعن تي تہ عديلہ جي آزادي پڻ نظر ايندي هئي پر پياري پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ وارن شروعاتي عملن کان وٺي اڄ تائين ٿيندڙ ڪارروايون منجهان تہ اهوئي نظر اچي ٿو تہ هتان جي عدليہ سدائين انتظاميہ جي رحم و ڪرم تي پئي رهي آهي. جڏهن تہ هر ذي فهم فرد عدليہ کي انتظاميہ جي هٿ هيٺ هلائڻ جو مخالف پئي رهيو آهي پر هتي پهرئين ڏينهن کان "جس ڪي لاٺي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُس کي بهينس" جو عملي مظاهرو پئي ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ ريت مولوي تميزالدين واري ڪيس (١) کان وٺي موجوده دؤر تائين حڪومتي ردوبدل جي معاملي ۾ عدليه سدائين انتظاميه جي اثر هيٺ پئي رهي آهي. ان ڳالهه کي ڪٿي ڪير ڪهڙو به نالو ڏئي پر حقيقت اها آهي ته هتي انتظاميه جو مطلب آهي بيوروڪريسي ۽ ان بيوروڪريسيءَ جو ئي هن ملڪ تي سدائين راڄ پئي رهيو آهي. مختلف وقتاً تي ٿيندڙ مڙني شرارتن، حرفتن ۽ اٽڪلن ۾ انهن جو ئي سڀ کان اهم هٿ پئي رهيو آهي. اهو سلسلو ملڪ جي ٿاهيندڙ محمد علي جناح سان بيماريءَ دوران اختيار ڪيل رويي کان شروع ٿئي ٿو پوءِ لياقت علي خان جو قتل (جيڪو اڃا معمو بڻيل آهي) ۽ 1951 ۾ جڏهن غلام محمد جو راڄ شروع ٿيو ته ان پاران وزير اعظم خواجه ناظم الدين کي ڊسمس ڪرڻ ۽ بوگرا کي آمريڪا مان گهرائي پرائيم منسٽر طور مقرر ڪري، هٿ ٺوڪي وزارت ٺهرائڻ پوءِ، وزير اعظم بوگرا کان اڌ رات جو پستول جي زور تي آئين ساز اسيمبلي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙائڻ (۽ پوءِ چيف جسٽس منير کان ان عمل جي حق ۾ سياسي فيصلو وٺڻ) مرڪز ۾ چوڌري محمد عليءَ جي وزارت جو ٺهڻ. اسڪندر مرزا جو صدر ٿيڻ. ايوب خان جو سياست ۾ داخل ٿيڻ. ون يونٽ جو قيام. ڊاڪٽر خان صاحب کي عارضي چيف منسٽر مقرر ڪرڻ، مسلم ليگ کي ٽوڙائي هڪ نئين جماعت ريپبلڪن ٺهرائڻ. اڳتي هلي صدر اسڪندر مرزا پاران چوڌري محمد عليءَ کان استعفيٰ وٺي، حسين شهيد سهرورديءَ کي وزير اعظم ڪرڻ، وغيره اهڙي طرح 1956 کان 1958ع تائين مختلف وزارتون ناهڻ ۽ ڊاهڻ واري عمل ۾ نوڪرشاهيءَ جو ئي هٿ هيو. ان ڪانپوءِ جو ملڪ ۾ ايوبي مارشل لا آئي تنهن ته وينر نوڪر شاهيءَ جا وارا نيارا ڪري ڇڏيا. بعد ۾ يحيٰ خان کان نواز شريف جي موجوده دؤر تائين مجموعي طور هر حڪومت ۾ بيوروڪريسيءَ جوئي راڄ پئي رهيو آهي.

هتي منهنجو مقصد، عدليه ۽ انتظاميه جي پاڻ ۾ گنجوڙ ۽ عدليه جي انتظاميه جي طابع هئڻ بابت ڪو تفصيلي بحث ڪرڻو ناهي پر ان نقطي کي

"(١) مولوي تميزالدين واري مقدمي جي لاءِ جسٽس تنزيل الرحمان جو چوڻ هيو ته "ان ڪيس جو فيصلو ڏيندڙ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس مرحوم منيراحمد، هڪ محفل ۾ ان ڳالهه جو اظهار ۽ اقرار ڪيو هيو ته تميزالدين واري مقدمي ۾ هن جيڪو فيصلو ڏنو هيو اهو هڪ سياسي فيصلو هيو. (ڪتاب رُوداد چمن 86)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهڻ واري حد تائين هڪ اڌ مثال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

ضياءَ الحق عدليہ کي پنهنجي مقصد لاءِ ايتري قدر تہ استعمال ڪيو جو عدليہ پاران سنڌس حڪمرانيءَ کي جائز سڏيو. ويو ۽ ملڪ جي چونڊيل وزير اعظم کي ڦاسي ڏني ويئي نہ رڳو ايترو پر عدليہ کيس آئين ۾ ترميم ڪرڻ جو بہ اختيار ڏيئي ڇڏيو هو. ايتري ڪجهہ ڪرڻ جي باوجود بہ ضياءَ اهو ضروري سمجهيو تہ ججن کان نئين سر حلف وفاداري ورتي وڃي. جنهن لاءِ هن 1981ع ۾ پي سي او نافذ ڪيو جنهن تحت ججن کي نئين سر حلف کڻڻ جو حڪم ڏنو ويو.

نواز شريف جو وزير اعظم واري حيثيت ۾ چيف جسٽس سجاد عليءَ سان ججن جي تقريريءَ جي معاملي تان ٽڪراءُ ٿيو هو. جنهن تان سجاد علي شاهہ، نواز شريف خلاف ڪيترن ئي پٽيشنن جي شنوائي شروع ڪئي هئي. حڪمران ڌر پاران سجاد علي شاهہ جو مقابلو ڪرڻ لاءِ هڪ طرف جسٽس سعيد الزمان صديقي جي معرفت سپريم ڪورٽ ۾ بغاوت ڪرائي ويئي تہ ٻئي طرف نواز شريف خلاف هلندڙ پٽيشن دوران حڪمران ڌر هجوم جي صورت ۾ عدليہ تي حملو ڪرايو. ان ڳالهہ جو بہ سپريم ڪورٽ جي ججن تي ڪوئي اثر نہ ٿيو اهوئي سبب هيو جو عدالت مٿان ٿيل حملي وارو ڪيس تہ عدالت ۾ آندو ويو پر انهن ئي جج صاحبان اهو چئي ڪيس کي اهميت نہ ڏني تہ "ان ڪيس لاءِ ڪوبہ ٺوس ثبوت موجود نہ هيو" جڏهن تہ ان لاءِ حقيقتاً وڊيو ڪيسٽن سوڌو ڪيترائي ثبوت موجود هيا.

عجيب اتفاق آهي تہ جنرل پرويز مشرف اقتدار سنڀالڻ کان پوءِ جڏهن عدليہ کي پنهنجي مرضيءَ سان هلائڻ لاءِ پي سي او هيٺ اعليٰ عدالتن جي ججن کي وفاداريءَ جو نئون قسم کڻڻ لاءِ چيو تڏهن نواز سرڪار جي تعاون سان جسٽس سجاد علي شاهہ کي هٽائڻ واري عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ جسٽس سعيد الزمان صديقي هن ڀيري ان ساڳي انتظامي حملي جو شڪار ٿي ويو. جنهن هن ڀيري اهڙي ڪوشش بابت تبصرو ڪندي ظاهر ڪيو تہ "اها ڪوشش انهيءَ ضمانت جي روح خلاف هئي، جيڪا ڪيس نون حڪمرانن ڏني هئي. جنهن موجب عدليہ جي آزادي کي نہ ڇيڙيو ويندو".

اهڙيءَ ريت سعيد الزمان صديقي صاحب پاڻ ماضيءَ ۾ عدليہ ۽ انتظاميہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلق واري حوالي سان جيڪي ڪجهہ ڪري چڪو هو. بعد ۾ پاڻ بہ اهڙي ئي ڪوشش جو شڪار ٿي ويو.

جنرل پرويز مشرف واري ان قدم ڪانپوءِ پاڪستان اندر عدليہ ۽ انتظاميہ واري اهڙي راند بابت تبصرو ڪندي مسٽر اياز امير ڪيڏي نہ سهڻي ڳالهہ ڪئي هئي. "پاڪستان ۾ اختيار نہ رڳو بندوق ذريعي حاصل ٿيندو آهي بلڪ ان کي جائز بہ ساڳئي وسيلي سان ڪبو آهي پاڪستان جي هر آمر عدالت کان پنهنجي حڪرانيءَ وارو حق حاصل ڪيو. تنهن ڪري اها توقع اجائي هئي تہ پرويز مشرف انهيءَ روايت کي ٽوڙيندو" (تفصيلي مضمون ص 44)

اها ڳالهہ تہ هاڻ ڪنهن کان بہ ڳجهي ناهي تہ سول بيوروڪريسي ۽ فوجي بيوروڪريسيءَ جا هڪ ٻئي سان ڪيترا نہ ويجها ۽ گهرا لاڳاپا آهن. جن هتي گڏجي سڏجي پئي من ماني ڪئي آهي. اهوئي سبب آهي جو هن ملڪ جي وجود ۾ اچڻ واري ڏينهن کان وٺي عدليہ بہ انتظاميہ جي طابع پئي رهي آهي.

سائين جي.ايم.سيد، جنهن ورهاڱي ٿيڻ کان اڳ واري دؤر ۾ ئي سنڌ اندر عدالتي ڪاتي کان انتظامي ڪاتي جي جدائيءَ بابت هڪ مڪمل رٿ **(Complete Scheme)** پيش ڪئي هئي. جنهن ۾ سيد صاحب انتظاميہ جي من مانين طرف اشارا ڪندي، واضع طور تي ظاهر ڪيو تہ "مان ائين محسوس ٿو ڪريان تہ جج ڪيترو بہ آزاد ۽ ايماندار هُجي پر هو ڪجهہ زيادهہ نہ ٿو ڪري سگهي، جتي انتظاميہ خاص نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ متحد هُجي ۽ اهڙا ناهہ ناهي جو انصاف جو هر دروازو مظلوم لاءِ بند ٿيو وڃي" غور ڪري ڏسبو تہ پياري پاڪستان ۾ بہ اڄ تائين اهوئي تہ ڪجهہ ٿيندو آيو آهي. (ڏسو آخر ۾ جسٽس (ر) سجاد علي شاهہ جو لکيل خط صفحو: 40)

مٿي ذڪر ٿي ايو اهي تہ سنڌ جيئن تہ انگريزن کان پنجابين ڏانهن منتقل ڪئي ويئي هئي انڪري پهرئين ڏينهن کان وٺي هن ملڪ ۾ اهوئي انگريز وارو انداز ۽ اهي ئي ساڳيا قائده قانون رائج عمل رهيا آهن. جيتوڻيڪ سيد صاحب جهڙن محب وطن شخصن طرفان ان نظام جي تبديليءَ لاءِ بارها ڪوششون بہ ٿيون پئي. سيد صاحب ورهاڱي کان اڳ نہ رڳو عدليہ کان انتظاميہ کي ڌار ڪرڻ لاءِ مٿي ذڪر ڪيل اسڪيم پيش ڪئي پر ان کي رائج عمل ڪرائڻ ۽ نظام ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ جي سلسلي ۾ پاڻ گهڻ رکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جدوجهد پڻ ڪندو رهيو. ان حوالي سان پاڻ شروعات کان وٺي انتظاميہ جي مکيہ عنصر ڪامورا شاهيءَ جي عتاب هيٺ پڻ رهيو. ايتري قدر جو اهو سلسلو سندن زندگيءَ جي آخري گهڙين تائين برقرار رهيو. ان جو بنيادي سبب اهوئي هيو تہ سيد پنهنجي مخصوص فطرت سبب ڪڏهن بہ نوڪر شاهيءَ جو مددگار نہ ٿي سگهيو نہ رڳو اهو پر هو تہ نوڪرشاهيءَ کي عوام جو دشمن تصور ڪندو هو انڪري سندس سڄي عمر نوڪر شاهيءَ خلاف جهاد جو هڪ عالم آشڪار ثبوت پئي رهي. پير علي محمد راشدي، جيڪو سيد صاحب جو همعمر ۽ بي انتها چالاڪ سياستدان هيو. اهو سيد صاحب جي زندگيءَ واري ان پهلوءَ بابت تبصرو ڪندي لکي ٿو تہ: "نوڪر شاهيءَ سان هي ڪڏهن بہ نہ ٺهيو. انگريزن جو هو سخت ترين دشمن هيو. رشوت خورن جي خلاف سندس چاليهہ سال (١) جهاد هليو. ٿي سگهي ٿو تہ سندس انهن عادتن ۽ ڪارنامن جي ڪري ان ڪانپوءِ جي نوڪر شاهي بہ کيس نظرن ۾ معتوب ڪري رکيو هجي. جاڪاڻ تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ اها توقع نہ پئي ڪري سگهي تہ هو نئين نوڪر شاهيءَ لاءِ فائديمند ٿي سگهندو" (٢).

هتي ڏسڻو اهو آهي تہ سيد صاحب زيرِ نظر ڪتاب ۾، عدالتي ڪاتي کان انتظامي ڪاتي جي جدائيءَ واري حوالي سان جن بنيادي نقطن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن ۾ 70 سالن گذرڻ ۽ نالي ۾ اسلامي جمهوري رياست جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ واري ماحول ۾ ڪيتري تبديلي آئي آهي ۽ ان حوالي سان عوامي مفاد ۾ ڪيترا ڪم ٿيا آهن ۽ هن ملڪ جي نظام ۾ ڪيترا واڌارا ۽ سڌارا ڪيا ويا آهن. ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ عدالتي ڪاتي کان انتظامي ڪاتي جي جدائيءَ لاءِ پيش ڪيل سيد صاحب واري هن اسڪيم جا ڪجهہ نقطا هيٺ پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

● "انتظاميہ وٽ اڄ بہ عدليہ جا اختيار آهن اڄ بہ ظالم زميندار بداخلاق پوليس واري ۽ مئجسٽريٽ ۾ گهرو گنجوڙ آهي. اڄ بہ اهي بادشاهہ (جناح صاحب) جي تصوير هيٺان ويهي بدعنوانيون پيا ڪن. آهي ڪو انهن کان پڇڻ وارو..........!!؟".

---

(١) اها ڳالهہ 1982ع ۾ لکي وئي پر ذڪر 1956ع واري وقت جو ڪيل آهي.

(٢) راشدي، علي محمد پير، رؤدادِ چمن. ڪراچي : راشدي پبليڪيشن 1986ع ص 87.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اجا بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ حالتن ۾ ڦيرو آهي پر سيد صاحب جنهن دؤر ۾ هي خاڪو (Scheme) پيش ڪيو تڏهن تہ اجا بہ صورتحال مختلف هئي انگريزي زميندار کي پڻ ان ۾ هڪ اهم ڌر طور پيش ڪيو ويو آهي. ان دؤر جي سنڌ تہ زميندار تي ئي دارو مدار رکندي هئي. چاڪاڻ تہ "هو زمين جو مالڪ سمجهيو ويندو هو ۽ اها زمين ئي عوام جي اڪثريت جي روزيءَ جو ذريعو هوندي هئي زميندار ئي ڳوٺ جو وڏيرو ۽ بچاءَ جو ذميوار هو. هوئي انصاف ڏياريندڙ هوندو هو ۽ ڳوٺاڻي دنيا کان ٻاهر جيڪي بہ ڪاروبار ۽ معاملا سرانجام ڏيڻا هئا، تن کي زميندار پيو مُنهن ڏيندو هو...... هو روزانو اوطاق ۾ ويهي ڪچهريون ۽ گڏجاڻيون ڪندو هو جتي ڳوٺ جون خبرون، آسپاس جون خبرون چارون ۽ ڪمدار يا ڪن مسافرن يا ڪن اتفاقي مهمانن ذريعي ٻاهرين دنيا جون آندل خبرون ڪيس پهچنديون هيون" (١) اهڙي اهم ۽ ذميوار شخصيت جي ڪردار بابت پڻ هن ڪتاب ۾ اظهار راءِ ڪئي ويئي آهي. سيد صاحب، عدليہ، انتظاميہ ۽ زميندار جي پاڻ ۾ گنجوڙ جي نشاندهي ڪندي انهن جي اتحاد کي هڪ اهڙو ترائيڪا تصور ڪري ٿو، جنهن جا عوام کي آزارڻ جي سلسلي ۾ هڪ ٻئي سان مخصوص مفاد وابسطہ آهن. هو "زميندار جي ذميواري" عنوان هيٺ افسوس جو اظهار ڪندي لکي ٿو "مون کي انتهائي شرمندگيءَ سان اهو قبول ڪرڻو ٿو پوي تہ ڪجهہ زميندار بگڙيل عدليہ جي معرفت ڳوٺاڻن تي ظلم ڪندا ٿا رهن. انهن جو انتظاميہ سان بہ گنجوڙ هُجي ٿو. جيڪا ڪين تحفظ بہ فراهم ڪندي ٿي رهي. اهڙيءَ طرح اعليٰ سطح تي وينل سندس محافظن جي طاقت ۽ حمايت سان هو پاڻ کي خدا سمجهڻ ٿا لڳن. پنهنجي تر جي ماڻهن خلاف هو کهڙا بہ ڪلورڪن، ڪانئن ڪو پڇڻ وارو ڪونهي". غور ڪري ڏسبو تہ متين صورتحال نہ رڳو ڪالهہ هئي، پر اڄ بہ اهائي حالت آهي. اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن اتفاق سان ڪو عدليہ جو نمائندو يا ڪو انتظاميہ (پوليس) جو ماڻهو مروج طريقي کان هٽي ڪري قائدي قانون موجب همت جو مظاهرو ڪري حق ۽ انصاف وارو عمل ڪري ٿو تہ اها ڄڻ تہ هڪ تعجب ۾ وجهندڙ ڳالهہ محسوس ٿيڻ لڳي ٿي.

(١) کهڙو، حميده ڊاڪٽر، محمد ايوب کهڙو، جراُتمند سياسي زندگي. حصو پهريون، ڪراچي: عاقل ٽرسٽ. 1999ع ص 8.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهيءَ جي گنجوڙ سان عدليہ کي پڻ پنهنجو صلاحڪار ڪري پئي هلايو آهي.

اهوئي سبب آهي جو سيد صاحب، ڪنهن حڪمران جي تبديليءَ جو ذڪر ڪرڻ بجاءِ، نظام جي تبديليءَ تي روز ڏيندي چوي ٿو تہ ”اصل ۾ جنهن ڳالهہ جي ضرورت آهي اها آهي اقتدار ڌڻين جي مخلص خواهش، تہ هو ڪيتري قدر ٿا عوامي بهبود لاءِ پاڻ پتوڙين. جيڪو فرض هنن کي امانت طور سونپيو ويو آهي“. اها نظام جي تبديليءَ ئي هتان جو بنيادي مسئلو آهي نظام جيستائين تبديل نہ ٿو ٿئي تيستائين سڌاري جا امڪان نہ جي برابر آهن....!!

طالب العلم

**آزاد قاضي**

نومبر 2000ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ
۾
# عدليه کان انتظاميه جي عليحدگي

Soorih Mirani

## نوٽ:

هي (مواد) سنڌ جي ماڻهن ۾ انهيءَ لاءِ ورهايو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته هن ۾ جن مسئلن جي نشاندهي ڪئي ويئي آهي اهي اسان جي زندگي ۽ موت جا مسئلا آهن. آءُ پڙهندڙن جو ٿورائتو رهندس جيڪڏهن اهي هن جي پڙهڻ ڪانپوءِ مونکي پنهنجي خيالن کان واقف ڪندا.

**جي.ايم.سيد**

سن (ضلعو دادو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عدليہ کان انتظاميہ جي علحدگي

( جي.ايم. سيد ايم.ايل.اي)

## وقت جي تقاضا

عدليہ جي انتظاميہ کان علحدگي موجوده دور جي اهم ضرورت آهي. سنڌ ۾ ٻنهي ادارن جي گڏجڻ ڪيترن ئي عدالتي براين کي جنم ڏنو آهي. اها ڳالهہ شهرن ۽ محلاتن ۾ رهندڙن کي شايد عجيب ۽ انوکي لڳي، پر ڳوٺن ۽ ڳوٺائن جي گهرن ۾ جتي بدحالي ۽ بيماري آهي، اتي منهنجي ڳالهہ جي بنا ججهڪ تائيد ڪئي ويندي. سياستدانن جون پنهنجون گهرجون، پنهنجا لکل خواهہ عيان مقصد هوندا آهن. هو وڏي مڪاريءَ سان اهڙين حالتن کان لاعلمي جو اظهار ڪندا آهن ڇو تہ مضبوط انتظاميہ ئي ظالمن جو بهترين ساٿي ۽ سرمايو هوندي آهي.

اجتماعي قتل ۽ انسان ذات جي عام تباهي بدترين ڏوهہ تصور ڪيا وڃن ٿا پر انسان جو ذهن ۽ سوچ ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري جنهن مرحلي تي پهتا آهن اتي اسان کي هڪ ٻئي سنگين ڏوهہ جو احساس شدت سان ٿيڻ لڳو آهي. اهو آهي فرد جي آزاديءَ جو قتل عام ۽ فڪر جي آزاديءَ کي قيد ڪرڻ. سقراط مزي سان زهر جو پيالو پي ويو ان ڪري تہ ان عمل جي هن وٽ اها اهميت هئي تہ هو پنهنجي مقصد لاءِ جان قربان ڪري رهيو هئو پر اخلاقيات جي جديد قدرن موجب سندس قاتل اڄ اجا بہ وڌيڪ لعنت ۽ ڦٽڪار جا حقدار ٿين ها جيڪڏهن اهي کيس زنده رکن ها پر ڪانئس فڪر جي آزادي کسي وٺن ها.

ان پئماني سان پرکيو وڃي تہ هتان جي ڳوٺائن تي ظلم ڪندڙ سقراط تي ظلم ڪندڙن کان وڌيڪ بدتر نظر ايندا.

## انتظاميہ جو آهني هٿ

سنڌ جو معصوم ڳوٺائو اڄ بہ انتظاميہ جي بي رحم لوهي پنجي سبب رتورت آهي. لامحدود عدالتي اختيارن سان ليس ٿي انتظاميہ جو ميمبر هن جو روحاني ۽ جسماني قاتل ٿيو وڃي. هو بي يارو مددگار تي ظلم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳهائي ۾ پيسجندو رهي ٿو. هو ٻانهو آهي "صاحب لوڪن" اڳيان ۽ سنڌن چمچن، وڏيرن، ڳوٺ جي پٽيل ۽ سرڪاري ڪارندي جو غلام آهي.

## زميندار جي ذميواري

مون کي انتهائي شرمندگيءَ سان اهو قبول ڪرڻو ٿو پوي ته ڪجهه زميندار بگڙيل عدليه جي معرفت ڳوٺائن تي ظلم ڪندا ٿا رهن. انهن جو انتظاميه سان به ڳنڍجوڙ هجي ٿو جيڪا کين تحفظ به فراهم ڪندي ٿي رهي. اهڙيءَ طرح اعليٰ سطح تي وينل سندن محافظن جي طاقت ۽ حمايت سان هو پاڻ کي خدا سمجهڻ ٿا لڳن. پنهنجي تر جي ماڻهن خلاف هو ڪهڙا به ڪلور ڪن، ڪانئن ڪو پڇڻ وارو ڪونهي. جيڪڏهن ڪو مظلوم ماڻهو ٿورو به احتجاج ٿو ڪري ته اهو قانون جي شڪنجي ۾ڦاسي ٿو وڃي ڇاڪاڻ ته انصاف ۽ قانون تي انتظاميه جي مڪمل بالادستي آهي.

بغير ڪنهن فرق جي هر ڳوٺ ۾ زميندار، پوليس عملدار ۽ مقامي مئجسٽريٽ جي وچ ۾ قريبي ڳنڍجوڙ هجي ٿو جيڪي عيش عشرت ۾ هڪبئي سان مڪمل سهڪار ڪن ٿا ۽ گڏجي مظلومن کي مارڻ هڻ لاءِ روز جو معمول آهي.

## پوليس ڇا ٿي ڪري؟

هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي ماڻهن جو ڪو اخلاقي معيار ڪونهي اتي پوليس آفيسر آرام سان ڪنهن جي به خلاف ڪوڙو ڪيس ٺاهي سگهي ٿو جنهن کي حد جي طاقتور زميندار جي مڪمل پنيرائي هوندي آهي ۽ انهن جي ٽولي جو هڪ ٻيو ميمبر مئجسٽريٽ ملزم کي جيل جي اذيت گاهه ڏانهن موڪلڻ لاءِ اڳ ۾ ئي تيار ويٺو هوندو آهي. جيسيتائين اپيل جو سوال آهي ته ڏتڙيل ماڻهن وٽ ايتري سگهه (طاقت) ڪٿا آئي، جو جيل ۾ هوندي ڪراچيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ تائين پهچي سگهي.

## پبلڪ پراسيڪيوٽر جو ڪردار

موجوده سرشتي ۾ پبلڪ پراسيڪيوٽر خاص الخاص اهميت رکي ٿو. هو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي سفير طور، عدالتي سرشتي سان لاڳاپيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارروائي برداشت ڪرڻ جي قوت نہ ٿو رکي. ان ۾ هن جي مڪمل بربادي آهي. تنهن ڪري ڪو تعجب نہ آهي تہ بادشاهي سڪو اڄ بہ بادشاهہ (١) سلامت جي قائم ڪيل انصاف جي عدالت ۾ سڀ کان اهم حيثيت رکي ٿو.

## ڇا هي صورتحال (هميشه) برقرار رهندي؟

ڇا سنڌ تي اهڙي طريقي سان ئي حڪومت ڪئي ويندي جيستائين سنڌ تي تباهيءَ جو سج ڪني ڪيءِ؟ اها حقيقت آهي تہ ڌارئي حڪمران ڪي ڪڏهن بہ پنهنجي اقتدار جي پڪ نہ ٿي ٿئي، جيستائين سڀ اختيار سندس هٿ ۾ نہ ٿا اچن. وارن هيسٽنگز جيڪو. زبردست يادداشت ۽ ذهانت جو مالڪ هو ۽ لارڊ ڪارنوالس جي ذهن تي پڻ ساڳيو نظريو سوار هيو جڏهن هن پهريون دفعو موجوده نظام رائج ڪيو پر ڇا هڪ عوامي حڪومت پڻ اهڙي ئي فرسوده ۽ اهنجائيندڙ نظريي ۾ يقين رکي ٿي؟ ڇا هي اڃا بہ سنڌ جي مظلوم ماڻهن کي سک جو ساهہ کڻڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار ناهن؟ ڇا صوبائي خودمختياريءَ اسان کي آرام ڏيندڙ مرهم نہ مهيا ڪئي آهي؟ جنهن سان اسان پنهنجي ماڻهن جي زخمي دلين کي سُڪون پهچايون؟ اها ڪنهن شڪ جي هڪ مذاق ٿيندي، جيڪڏهن اهو ائين ناهي تہ؟

ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ عدليه جي انتظاميه کان علحدگي سڄي هندستان جو سوال آهي (٢) پر ان جو اهنج پيو ڪٿي بہ ايترو گهرائپ سان محسوس نہ ٿو ڪيو وڃي جيترو سنڌ ۾. يارنهن صوبن مان، ستن صوبن ۾ ڪانگريس جي حڪومت آهي. باقي بچيل چئن مان ٽن صوبن ۾ ترقي يافتہ عوامي راءِ جو چيڪ آهي. صرف سنڌ ئي آهي جتي اهي بئي ڳالهيون ڪونهن. عوامي شعور، هتي انتهائي هيٺين سطح تي آهي. اسان جي 90 سالن تائين اقتدار جي مسند کان مسلسل دوريءَ، سبب سڄي صوبي ۾ پر پکيڙڻ لاءِ اهڙين برائين کي ڦهلجڻ جا وسيع موقعا مليا آهن. تنهن ڪري اسان ان ڳالهہ جا متحمل نہ ٿا ٿي سگهون تہ ٻيا صوبا هن سلسلي ۾ پهل ڪن.

وڏيڪ اهو تہ سنڌ ۾ عدليہ جي انتظاميہ کان علحدگي ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ نہ آهي. نسبتاً اسان جو ننڍو صوبو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ معمولي ردوبدل سان هن سلسلي ۾ اسان هندوستان جي ٻين صوبن لاءِ مثال مهيا

(١) موجوده وقت ۾ جناح صاحب.

(٢) هي مواد گڏيل هندستان ۾ ورهاڱي کان اڳ لکيو ويو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگھون ٿا.

## ڇا اهو مالي طور ناممڪن آهي؟

اسان مان ڪجھ ماڻهو اِن خيال جا آهن تہ عدليہ جي انتظاميہ کان علحدگي، اقتصادي طرح ناممڪنات ۾ شامل آهي. هتي اهو طريقہ ڪار آهي تہ ماليات کي اوليت ڏني وڃي ٿي ۽ عام ڀلي جي ضرورتن کي پوئتي رکيو ٿو وڃي پر مان مهاتما گانڌيءَ جي ان نظريي سان متفق آهيان تہ موجوده ناقص سرشتي کي بدلائڻ لاءِ ڪا بہ اقتصادي رڪاوٽ نہ بنجڻ کپي. مهاتما جي هر برائيءَ جي، هر قيمت تي روڪ ٿام چاهي ٿو. اسان سنڌ ۾ عدليہ جي انتظاميہ کان علحدگي چاهيون ٿا پوءِ اسان کي ڪيتري بہ قيمت ادا ڪرڻي پوي. پر مان جيڪا اسڪيم هيٺ ڏيئي رهيو آهيان ان سان ملڪي خزاني تي ڪو بہ وڏيڪ بوجھہ نہ پوندو ۽ سنڌ ۾ اسان آسانيءَ سان عدليہ کي انتظاميہ کان علحده ڪري سگھون ٿا.

## خودمختيار هاءِ ڪورٽ

عدليا کي آزاد بنائڻ جي ڏس ۾ پهريون قدم اهو هجڻ کپي تہ سنڌ لاءِ هڪ خودمختيار هاءِ ڪورٽ هئڻ کپي جنهن کي عدالتي ڪاتي مٿان مڪمل ڪنٽرول هجي. مان هن ڏس ۾ پڙهندڙن جو ڌيان ڏاؤ سنڌ ائڊمنسٽريٽو ڪاميٽي 1933ع جي رپورٽ ڏانهن ڇڪائيندس.

## ڪم جا وڇور

ڪم جا وڇور ۽ تفصيل اهڙي طرح تيار ڪيا وڃن جيئن فوجداري ڪيس مختلف حصن ۾ ورهايا وڃن. مثال طور:

١. ڪميٽبل (سيشن جج جي هلائڻ جوڳا) ڏوهہ.
٢. نانِ ڪميٽبل ڏوهہ: فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جي هلائڻ جهڙا.
٣. نانِ ڪميٽبل ڏوهہ: سيڪنڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جي هلائڻ جهڙا.
۴. نانِ ڪميٽبل ڏوهہ: ٿرڊ ڪلاس مئجسٽريٽ جي هلائڻ جهڙا.
۵. معمولي نوعيت جا ڪيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسسٽنٽ يا سب ججن جي حوالي ڪري سگهن.

## ڪم ۾ 50% ڪمي

ان اسڪيم کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اسان کي ڏسڻو پوندو تہ طريقي ڪار کي اهڙو آسان بڻايو وڃي ۽ معاملن کي اهڙي نموني ترتيب ڏنو وڃي جيئن فوجداري ڪم خود بخود گهٽجي وڃي. منهنجي خيال ۾ هيٺيان سبب ان ڏس ۾ ڪافي حد تائين ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

١. عدليہ جي انتظاميہ کان علحدگي کان پوءِ پوليس توڙي خانگي ماڻهو ڪوڙن ڪيسن آڻڻ کان ڪيٻائيندا.

٢. 110 جا ڪيس ڪافي حد تائين گهٽجي ويندا. ڀھريون ان ڪري جو ڪوَ بہ ڪوڙو ڪيس آڏو نہ آندو ويندو. ٻيو تہ اسان اهڙن سزا يافتہ ماڻهن کي جيڪڏهن راڄوٽي سڌاري لاءِ موڪليون تہ پوءِ ڏوهاري قسم جي ماڻهن ۾ بهتري اچي سگهي ٿي ۽ پوءِ هنن خلاف ڪنهن بہ ڪارروائي جي ضرورت نہ پوندي.

٣. سرڪار ان ڳالهہ لاءِ پابند آهي تہ بي روزگاري جهالت ۽ قيدين جي سڌاري وارن معاملن کي وقت جي ضرورتن مطابق حل ڪري. ان سان گڏوگڏ صوبائي ترقياتي اسڪيمن تي خرچ ڪري پڻ ڏوهن ۾ ڪمي آڻي سگهجي ٿي.

۴. رشوت خوريءَ جي خاتمي سان، عام ماڻهن جي طرز عمل ۽ اخلاق ۾ نمايان فرق ايندو ۽ انهن ۾ عزت نفس پيدا ٿيندو ۽ معاشري جا بگڙيل فرد، يقيناً، ڏوهاري عادتن کي الوداع چوندا.

۵. سيني فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽن کي سرسري نموني ڪيس هلائڻ جا اختيار هجن ۽ سيني بينچ مئجسٽريٽن کي پڻ اهڙا اختيار هجن بشرطيڪ هو سزا طور صرف ڏنڊ وجهندا هجن.

مٿيان سبب ۽ اها حقيقت تہ هاڻي سمورا معمولي نوعيت جا ڪيس اعزازي مئجسٽريٽ ۽ ڳوناٺيون پنچائتون اڪلائيندا اهي گڏجي فوجداري ڪم ۾ اڌو اڌ گهٽتائي آڻيندا.

اهو هڪ محتاط اندازو آهي ۽ ڪنهن کي بہ ان جي درستگيءَ کي رد ڪرڻ جو معقول سبب ڪونهي. اسان کي هاڻي رڳو بقايا 50% ڪيسن کي اڪلائڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو جن جو ذڪر آئون هيٺ ڪندس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ڊسٽرڪٽ ڪورٽس

هاڻي مان ڊسٽرڪٽ (ضلعي) ڪورٽن جو جائزو وٺندس. اهو سوال مون کان پڇي سگهجي ٿو ته جيڪڏهن ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا اختيار ڊسٽرڪٽ ججن کي سونپيا ويندا ته پوءِ انهن 4 ضلعن جو ڇا ٿيندو جتي ڊسٽرڪٽ ڪورٽون نامڪمل آهن؟. اهڙن 4 ضلعن مان منهنجي مراد آهي اپر سرحد (جيڪب آباد) دادو، نوابشاهه ۽ ميرپور خاص.

ان سلسلي ۾ مان اها راءِ ڏيندس ته موجوده ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ سيشن ججن سکر مان هڪ جو هيڊڪوارٽر جيڪب آباد هئڻ کپي. لاڙڪاڻي جي هڪ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ سيشن جج جو هيڊڪوارٽر دادو ۾ هجي حيدرآباد جو ايڊيشنل سيشن جج اڳ ۾ ئي نوابشاهه ۾ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هڪ وڌيڪ ميرپورخاص وڃي سگهي ٿو. انهن چئن آفيسرن کي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا اختيار ڏنا وڃن ۽ انهن کي واسطيدار ڊسٽرڪٽ ججن جي ماتحت ڪيو وڃي پر جيڪڏهن اهو انديشو هجي ته ايئن ڪرڻ سان ڊسٽرڪٽ جج تي ڪم جو بار وڌي ويندو ته پوءِ اسان 4 وڌيڪ اسسٽنٽ سيشن جج رکي سگهون ٿا. جنهن تي لڳ ڀڳ 0.50 لک روپيه خرچ ايندو.

هتي اهو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته هن وقت سنڌ جي اٺن ضلعي مئجسٽريٽن مان هر هڪ جي آفيس ۾ 100 روپيا ماهوار پگهار وارو هڪ آفيسر ۽ 60 روپيا پگهار وارا ٻه ڪلارڪ رکيا وڃن ٿا. ان کان علاوه پٽيوالا به هوندا آهن. جڏهن ڪليڪٽر کان مئجسٽريٽن جا پاور ورتا ويندا ته پوءِ هنن جي آفيسن جو ڪافي اسٽاف واڌو (Surplus) ٿي پوندو، جن کي ڊسٽرڪٽ ججن ۽ چئن ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ ججن ڏانهن منتقل ڪري سگهجي ٿو جيڪي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جا فرائض انجام ڏين ٿا. ڪراچي جو موجوده سٽي مئجسٽريٽ، سڄي شهر جو ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ به آهي. هن کي اڄ کان پوءِ سڄي ڪراچي ضلعي جو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪري سگهجي ٿو.

## ڪل خرچ

منهنجي اندازي مطابق. ان جوڙجڪ تحت ڪل خرچ تقريباً 1.69+0.50+0.10=2.29 ٿيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتاب بابت سينيئر وڪيلن جا رايا

تبصرو — عبدالوحيد ڪٽپر
رايو — سوڀو گيانچنداڻي

# عدالتي صورتحال بابت رايا

کليل خط — جسٽس (ر) سجاد علي شاهه
عدليہ ۽ فوجي حڪومت ۾ ٽڪراءُ — اياز امير

Soorih Mirani

لکيو آهي تہ:

And the worst of it is, that, in the majority of cases, the victims are innocent, who may have awed their misery merely due to the fact that they may have either failed to propitiate the Zamindar and the village official or to their having not allowed their wives and sisters to satisfy the .sexual hunger of their tormentors.

۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ خراب ڳالهہ اها آ تہ اهڙن ڪيسن ۾ اڪثريت انهن ڪيسن جي آهي، جن ۾ اهي سَتيل ماڻهو بي ڏوهي هوندا آهن جن جي تڪليف جو سبب اهو هوندو آهي، تہ هو ڳوٺ جي زميندار يا سرڪاري عملدار جي اڳ پٺ ڪونہ ڪري سگهيا هجن يا پنهنجي ڀينرن ۽ زالن کي هنن جي جنسي هوس جي بک مٽائڻ ۾ رنڊڪ وجهندا هجن.

مان پاڻ سال ١٩٥٠ع ۾ سنڌ بار ڪائونسل آڏو هڪڙي وڏي مجمعي ۾ اها رٿ پيش ڪئي تہ قلم ١١٠ جون اپيلون ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ جي بدران ضلعي جي سيشن ڪورٽ ۾ ڏيون وڃن تہ بهتر ۽ اها رٿ منظور ڪئي وئي هئي.

سائين جي.ايم.سيد لکيو آهي تہ اهڙي قسم جا ڪيس گهڻو ڪري ڪوڙا هوندا آهن ۽ اصل ڏوهارن جي بدران مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهن کي اندر ڪيو ويندو آهي، جن بابت سائين جي.ايم. سيد لکيو آهي تہ اهڙن ڪيس ۾ حد جو بدمعاش وڏيرو يا زميندار، پوليس جو عملدار ۽ مئجسٽريٽ، انهن ٽن ماڻهن جي ٽڪاڻ سان اهي ظالمي ڪارروايون ٿينديون رهنديون آهن ۽ پوءِ اهي مسڪين ۽ بي پهچ ماڻهو بي دريافتا جيلن ۾ پيا سڙندا آهن ۽ آخر ۾ ڪين ٽيپ لڳندي آهي تہ "جوابدار ضامن (پڪو ضامن) نہ ڏيڻ جي حالت ۾ جيل موڪليو ٿو وڃي".

سائين جي.ايم.سيد بلڪل چڱي ڇاڻي لکيو هيو تہ جيستائين عدليہ ۽ حڪومت ڌار ڌار ۽ هڪ ٻئي کان الڳ ۽ آزاد ڪونہ ٿيندا، تيستائين اها ظلم جي چڪي مسڪين ماڻهن کي پيهندي رهندي ۽ مسڪين ماڻهن کي ڪڏهن بہ انصاف پلئہ ڪونہ پوندو.

سائين جي.ايم.سيد جي سوچ مان اها ڳالهہ بلڪل روزِ روشن وانگر ظاهر پئي ٿئي تہ موصوف پاڻ هڪڙو زميندار هوندي بہ سنڌ جي ڳوٺاڻن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيون هيون. پر اهي مشير گهٽو ڪري رٽائرڊ ۽ بي روزگار ماڻهو هوندا هئا. جن لاءِ ۵ روپيا بہ وڏي طاقت ۽ ڪشش رکندا هئا ۽ سندن راءِ خريد ڪرڻ فريادي‌ءَ يا جوابدار لاءِ ڏکيو ڪم ڪونہ هوندو هيو. انهن مشيرن کي سال ۱۹۷۲ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي دور ۾ لاٿو ويو. نہ تہ اهي بہ هن ملڪ جي جوڊيشل سسٽم جو هڪڙو اپينڊڪس وانگر حصو هيا.

هاڻ تہ پاڻ کي سنڌ ۽ سنڌين جا سڄڻ سڏائن وارا، حالانڪ اهو مڃن ٿا تہ سنڌ جي هر ڪنهن ننڍي وڏي وسيلي، واپار، ملازمتن، ڪاٺن، زمينن ۽ وڻج واپار تي ڌارين جو قبضو آهي، پر سائين جي. ايم. سيد وانگر سينو ڪولي، سينو ساهي سنڌ جي مڪمل آزادي‌ءَ جي ڳالهہ ڪونہ ٿا ڪن، ڇو جو ڪين پوءِ ٿو ٿئي تہ ائين چوڻ يا ڪرڻ سان سندن ملڪيتون ضبط ٿينديون جيل ۾ پوندا ۽ تڪليفون سهندا.

اهو سائين جي.ايم. سيد ئي هيو جيڪو سر اڏيءَ تي رکيون وينو هوندو هيو ۽ ڪنهن بہ شيءِ جي پرواهہ ڪونہ ڪندو هيو ۽ ڇنڊي ڇاڻي سنڌ جي مڪمل آزادي‌ءَ جي ڳالهہ ڪندو هو.

هاڻي ڪڏهن ٿا هن ملڪ جا سڄڻ سائين جي. ايم.سيد واري لاٽ لنون، سو ڏسٽون آ. پر جڏهن بہ سنڌ جا سورما هڪڙو ڀيرو غلامي‌ءَ جي اگهور ننڊ مان سجاڳ ٿي اٿيا تڏهن دنيا جي ڪابہ ۽ ڪهڙي بہ طاقت ڪين اقوام متحده جي ميمبر ٿيڻ کان ڪونہ روڪي سگهندي، اهو سائين جي.ايم. سيد جو بہ ايمان هيو ۽ اهڙو ايمان انهن ماڻهن جو بہ آهي جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جا خير خواهہ آهن.

اوهان جو ڇا خيال آ؟.

**عبدالوحيد ڪٽپر**
۲۴ فيبروري ۱۹۹۸ع.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*Sobho Gianchandani*

Advocate High Court of Sindh

Gianchandani House
Jaral Shah Mohalla,
LARKANA (Sindh)
Tel. No. 445574
Kcr: 479638

Date. 7.8.99

Ref No. ________

محترم آزاد قاضي صاحب.

پيارا - هي تاريخي دستاويز طور جيئن لکيل

آهي جيئن ته ڏيکاريان ۾ جديد تحريرون ڏنل آهن

اهي لکيل [illegible] قانون تبديليءَ ۽ جديد

interpretation هيٺ آئين عمل ۾ آڻي ۽ جيڪي

آهن پڙهڻ آزاديءَ خيال رکندو.

مان ڪوشش ڪري هي جائزو هي موضوع [illegible]

ڪري ... جيئن انهي ۾ آخر ۾

شامل ڪري سگهجي - اهو انگريزي ۾ [illegible]

هجي ته بهتر ... سنڌي ۾

ترجمو ڪجي ٿي.

توهان جو مخلص

سوڀو گيانچنداڻي.

---

(١) ڪامريڊ جي گهرو مسئلن وارين پريشانين سبب افسوس جو مٿي ذڪر ڪيل مواد ڪوشش جي باوجود ملي ڪونه سگهيو. **آزاد قاضي**

# ڪليل خط

14 مئي 1998ع تي خميس ڏينهن "ڊان" رپورٽ شايع ڪئي آهي تہ "سپريم ڪورٽ تي حملي" واري ڪيس جي سماعت ڪندڙ سپريم ڪورٽ جي بينچ اڳوڻي صدر (فاروق احمد) لغاري کي شاهد طور پيش ٿيڻ جي ان ڪري اجازت نہ ڏني آهي جو هو حملي جو چشم ديد گواهہ نہ آهي. ان سلسلي ۾ آئون اهو چوڻ چاهيان ٿو تہ صدر جي حيثيت ۾ لغاريءَ کي هر ڳالهہ جي خبر هئي چاڪاڻ تہ ڳالهين ۾ بہ هو هڪ هو ۽ سندس دعوٰي آهي تہ کيس خبر هئي تہ سپريم ڪورٽ تي حڪمران پارٽيءَ جا ماڻهو حملو ڪندا ۽ جيئن 14 مئي 1998ع جي "ڊان" ۾ شايع ٿيو آهي، هن وزير اعظم کي ان بابت اطلاع ڪيو. سپريم ڪورٽ جي بلڊنگ تي 28 نومبر 1997ع تي حملو ڪيو ويو هو، جڏهن آئون وزير اعظم ۽ پارليامينٽ جي ٻين ميمبرن خلاف توهين عدالت ڪيس جي سماعت ڪندڙ بينچ جي صدارت ڪري رهيو هئس.

ان ڏينهن مون صدر کي هڪ خط لکيو جنهن ۾ حملي بابت حقيقتون ۽ پيش ايندڙ حالتون بيان ڪيون ويون هيون. اڳوڻي صدر لغاري، وزير اعظم کي خط لکيو ۽ منهنجو خط پڻ ان سان ڳنڍي ڇڏيو. پريس صدر جو خط ۽ وزير اعظم جو جواب تہ ڇاپيو پر منهنجو خط نہ ڇاپيو، جنهن ۾ سموريون حقيقتون بيان ڪيون ويون هيون. انهن حالتن ۾ رڪارڊ کي صحيح رکڻ، ڪنهن قسم جي امڪاني تبديلي کي روڪڻ ۽ عام ماڻهن جي دلچسپي خاطر آئون پنهنجو 14 مئي 1998ع وارو خط جاري ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو. خط هيٺين ريت آهي:

محترم جناب صدر!

ڪالهہ جڏهن آئون عدالت جي ڪمري ۾ صدر ۽ پارليامينٽ جي ٻين ميمبرن خلاف توهين ڪيس جي سماعت ڪري رهيو هئس، ڪجهہ وڪيلن طرفان هنگامو شروع ڪيو ويو، انهن وڪيلن جو واسطو حڪمران پارٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان هو. انهن منهنجي سپريم ڪورٽ جي بينچ ۾ ويهڻ تي ان بنياد تي اعتراض ڪيو ته ڪوئيٽه ۾ ٻن ججن تي مشتمل بينچ هڪ آئيني پٽيشن جي سماعت ڪئي هئي ۽ چيف جسٽس آف پاڪستان جي مقرري جو نوٽيس معطل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. آئيني پٽيشن پرنسپل سيٽ تي رجسٽر ٿيڻ گهربي هئي ۽ اتي ئي ان جي ٻڌڻي ٿيڻ گهربي هئي. اڄ جڏهن ان ڪيس جي ڪارروائي هلي رهي هئي ۽ مسٽر ايس. ايم. ظفر جيڪو وزير اعظم جو وڪيل آهي. عدالت سان مخاطب هو ته وڏي شور جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ڪاوڙ ۾ ڀريل هڪ هجوم عدالت جي ڪمري ۾ اچي ويو. ان هجوم عدالت جي ڪمري ۾ زوريءَ داخل ٿيڻ ٿي گهريو. هجوم ۾ شامل ماڻهو نعرا هڻي رهيا هئا. ڪجهه ماڻهو عدالت جي ڪمري ۾ داخل ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ انهن مان هڪڙي اعلان ڪيو ته هجوم چيف جسٽس کي گرفتار ڪرڻ لاءِ عدالت جي ڪمري تي حملو ڪيو آهي ۽ عدالت جي ڪارروائي روڪي جج ٻاهر هليا وڃن. اهڙين حالتن ۾ ڪيس جي ڪارروائي روڪي وئي ۽ ججن کي پوليس جي پهري ۾ چيف جسٽس جي چيمبر ۾ پهچايو ويو. بعد ۾ رجسٽرار پريشاني جي حالت ۾ اندر آيو ۽ اطلاع ڏنائين ته ٻاهر مين گيٽ تي هڪ قابو کان ٻاهر هجوم ڪيس ماري ڪٽي اندر اچي ويو آهي ۽ تيزيءَ سان عدالت جي ڪمري ڏانهن وڌي رهيو آهي، جتي توهين ڪيس جي سماعت ٿي رهي هئي، مون کي عملي جي ميمبرن طرفان ٻڌايو ويو ته ڪين ٽيليفون تي اطلاع به ڏنو ويو هو ته حڪومتي پارٽي لاهور ۽ ٻين علائقن مان ماڻهن کي بسين وسيلي آڻڻ جا ۽ مظاهري جا انتظام ڪيا هئا جيئن عدالت ۾ زبردستي ڪري سگهجي.

پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، انهن واعدو ڪيو ته هجوم کي عدالت کان پري رکيو ويندو، جيئن ججن کي عدالت تائين پهچڻ ۾ ڪا پريشاني نه ٿئي، پر بعد ۾ عدالت جي ڪمري ۾ ڪارروائي دوران هڪ تمام وڏو هجوم هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي تحت زوريءَ عدالت جي حدن ۾ داخل ٿي عدالت جي ڪمري تي حملو ڪري ڏنو.

آئون هتي اهو به ٻڌائڻ چاهيندس ته عدالت جي ڪمري ۾ ڪالهوڪي واقعي سبب مون رجسٽرار کي هدايت ڪئي هئي ته صرف لاڳاپيل ماڻهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاسون جاري ڪيون وڃن، ڇاڪاڻ تہ عام طور تي عدالت حڪومت جي حامين سان بلڪل پرجي ويندي آهي. بعد ۾ ڪيترن ئي ماڻهن مون کي ٽيليفون تي اطلاع ڏنو تہ سپريم ڪورٽ بلڊنگ تي حڪومت جي حامين جي يلغار کي بي بي سي، ٽيليويزن تي ڏيکاريو ويو آهي ۽ اهو بہ ڏيکاريو ويو آهي تہ عدالت کان ٻاهر ۽ عدالت جي حدن ۾ وڏي تعداد ۾ پوليس موجود هئي، جنهن هجوم کي يلغار جي اجازت ڏني ۽ روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. گيٽ تي موجود عدالت جي آفيسرن پوليس وارن کان پڇيو تہ اهي هجوم کي ڇو نہ پيا روڪين، تہ انهن جواب ڏنو تہ هجوم حڪومت جي حامين جو آهي ان ڪري اسان مجبور آهيون، انهن کي روڪي نٿاسگهون. سپريم ڪورٽ جي بلڊنگ ۾ اسان وٽ وڊيو ڪيميرا آهن، ريڪارڊ ٿيل فلمن مان پتو لڳي سگهي ٿو تہ هجوم ڪيترو وڏو هو ۽ ان ڪهڙو سلوڪ ڪيو، ۽ عدالت جي ڪمري تي حملو ڪيو. منهنجي عملي مون کي ٻڌايو تہ هجوم جي منتشر ٿيڻ مهل وڏي آواز ۾ اعلان ڪيا ويا ۽ هجوم کي پنجاب هائوس وڃڻ لاءِ چيو ويو، جتي انهي لاءِ پنهنجن جي ماني جو انتظام ڪيو ويو هو. انهن حالتن ۾ سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس جي حيثيت ۾ آئين جي آرٽيڪل 190 تحت آئون توهان کي درخواست ٿو ڪريان تہ سپريم ڪورٽ بلڊنگ، چيف جسٽس ۽ توهين عدالت ڪيس جي سماعت ڪندڙ ٻين ججن جي رهائشگاهن کي فوج يا نيم فوجي دستن جو تحفظ ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ حڪومت جي انتظام هيٺ ڪم ڪندڙ حفاظتي دستن تي اعتماد ڪرڻ مشڪل آهي.

مون کي اهو چوندي افسوس ٿو ٿئي تہ مسٽر جسٽس سعيدالزمان صديقي جيڪو ان عدالت جو هڪ جج ۽ پشاور رجسٽري ۾ ٽن ججن تي مشتمل بينچ جو سربراهہ آهي، هڪ حڪم جاري ڪيو ۽ ان تحت هڪ پندرنهن ججن تي مشتمل فل ڪورٽ تشڪيل ڏني آهي جيڪا پهرين ڊسمبر 1997ع کان اسلام آباد ۾ مقدمن جي سماعت شروع ڪندي. هن آئين جي آرٽيڪل 184 (3) تحت هڪ پٽيشن سماعت ڪئي آهي ۽ فيصلو ڏنو آهي. جيتوڻيڪ چيف جسٽس جي اجازت کان سواءِ پشاور رجسٽري ۾ نہ اها رجسٽر ٿي سگهي ٿي ۽ نہ ئي ان جي سماعت ٿي سگهي ٿي، اها صرف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سپريم ڪورٽ جي پرنسپل سيٽ تي ئي رجسٽر تي سگهي ٿي ۽ اتي ئي سماعت ٿي سگهي ٿي.

اها پٽيشن منهنجي طرفان ڪنهن اجازت کان سواءِ سماعت لاءِ منظور ڪئي وئي ۽ اهڙيءَ قسم جي ڪارروائي ٻين ٻن ججن پڻ ڪئي، يعني ڪوئيٽا ۾ مسٽر جسٽس ارشاد حسن خان ۽ مسٽر جسٽس خليل الرحمان خان (چيف جسٽس جي اجازت حاصل ڪرڻ کان سواءِ) منهنجي چيف جسٽس جي حيثيت ۾ مقرريءَ جو نوٽيفڪيشن تعطل ۾ رکڻ جو حڪم جاري ڪيو ۽ ان حڪم کي پرنسپل سيٽ تي پنجن ججن تي مشتمل بينچ هڪ جي پيٽ ۾ چئن جيءَ اڪثريت سان ڪالعدم قرار ڏنو آهي.

مسٽر جسٽس سعيدالزمان صديقي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. هڪ انتظامي حڪم جاري ڪيو ۽ سموري انتظاميا جا اختيار سنڀالي ورتا آهن جيڪو صرف چيف جسٽس جو منصبي فرض آهي. سپريم ڪورٽ جي ججن وچ ۾ اها تقسيم مفاد پرست حلقن طرفان ڄاڻي ٻجهي پيدا ڪئي وئي آهي. ان عمل ۽ رويي سبب پيدا ٿيندڙ ڪاررواين تي آئون ڪو به تبصرو ڪرڻ نه ٿو چاهيان جن مان حڪم عدولي ۽ بغاوت ظاهر ٿئي ٿي، جنهن جو نتيجو بدنظمي آهي ۽ جنهن تي سپريم جوڊيشل ڪونسل طرفان ڪارروائي لاءِ ضروري اپاءَ ورتا وڃن.

توهان جو مخلص

**جسٽس سجاد علي شاهه**

ڏانهن جناب فاروق احمد خان لغاري

صدر اسلامي جمهوريه پاڪستان

اسلام آباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اياز امير

# عدليه ۽ فوجي حڪومت ۾ ٽڪراءُ

اختيار خال کي پسند نه ڪندو آهي، تنهنڪري پاڪستان ۾ نئين فوجي حڪمران جنرل پرويز مشرف، پي سي او هيٺ اعليٰ عدالتن جي ججن کان وفاداري جو نئون قسم کڻڻ لاءِ چئي ان خال کي پرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هتي ويل چيف جسٽس سعيد الزمان صديقي موجب اها ڪوشش انهي ضمانت جي روح خلاف هئي، جيڪا ڪيس نون حڪمرانن ڏني هئي، جنهن موجب عدليه جي آزادي کي نه ڇيڙيو ويندو. عدليه ۾ تڪرار جي علامت طور سپريم ڪورٽ جي 13 ججن مان 6 ججن حلف کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هاءِ ڪورٽن جي ڪجهه ججن کي دعوت نه ڏني وئي. پر اڪثريت (201 مان 80) قطار ۾ بيهڻ جو فيصلو ڪيو. ٻئي طرف دنيا سخت ردِعمل ڏيکاريو. بي بي سي، ۽ سي اين اين، ان تي بحث ڪيو ته ڪيئن ججن کي هٽايو ويو پر اڪثر پاڪستانين ان تي حيرت جو اظهار نه ڪيو.

پهرين ڳالهه ته پاڪستاني ماڻهو فوجي حڪمراني ۽ ان جي نتيجن جا هيراڪ ٿي ويا آهن. انهن کي واقعي ان وقت حيرت ٿئي ها، جڏهن اعليٰ عدليه کي جهڪڻ لاءِ نه چيو وڃي ها.

ٻي ڳالهه ته پي سي او هيٺ حلف کڻڻ هڪ مثال آهي. جنهن جون پاڙون ماضيءَ ۾ آهن. جنرل ضياءالحق پڻ عدليه کي پنهنجن مقصدن لاءِ استعمال ڪيو هو. سندس حڪمراني جي پهرين ٽن سالن ۾ هن ۽ عدليه وچ ۾ سٺا لاڳاپا هئا. انهي سوچ جا فائدا به فوري طور تي آيا. سندس حڪمراني کي جائز سڏيو ويو ۽ ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهي ڏني وئي. دلچسپ ڳالهه هي آهي ته عدليه ضياءَ کي آئين ۾ ترميمون آڻڻ وارو به اختيار ڏنو. نتيجي ۾ هن آئين کي پنهنجي موقف جي ويجهو آندو.

هي مقصد حاصل ٿيڻ کان پوءِ عدليه جو هن لاءِ ڪارج نه رهيو. تنهنڪري ضياءَ انهن ججن کي نئون حلف کڻڻ لاءِ چيو جن سندس وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدمت ڪئي هئي. مارچ 1981ع ۾ پي سي او نافذ ڪيو ويو ۽ ججن کي حلف کڻڻ جو حڪم ڏنو ويو. ڪجهه ججن مخالفت ڪئي. انهن ۾ اڪثريت انهن ججن جي هئي، جن هاڻي به حلف کڻڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي.

اهڙي طرح هن وقت پاڪستان ۾ جيڪو ڪجهه مشاهدي ۾ آيو آهي، اهو تاريخ جو ورجاءُ آهي ۽ نئون فوجي حڪمران اڳوڻي حڪمران جي انهن قدمن تي هلي رهيو آهي جيڪي 19 سال اڳ کنيا ويا هئا. انهن ٻن موقعن ۾ وڏيڪ هڪجهڙائي جي نشاندهي ڪرڻ وارو هڪ ٻيو عنصر هڪ شخص آهي. جيڪو ضياءُ جو قانوني صلاحڪار هو ۽ مشرف جو پڻ قانوني مشير آهي. يعني سيد شريف الدين پيرزادو.

هڪ ٻئي سبب ڪري به پاڪستانين کي حيرت نه ٿي آهي. فوجي حڪومت ۽ طاقتور سويلين حڪومتن ۾ اعليٰ عدليه جو ڪردار اُتساهيندڙ نه رهيو آهي. جنرل ضياءَ سان عدليه جي لاڳاپي تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي. جڏهن نواز شريف وزير اعظم هو ته هن کي به ڏکئي وقت کي منهن ڏيڻو پيو. چاڪاڻ جو اڳوڻي چيف جسٽس سيد سجاد علي شاهه هن خلاف ڪيترين ئي پٽيشنن جي شنوائي شروع ڪئي هئي، جن ۾ توهين عدالت ڪيس به شامل هو.

سجاد علي شاهه جو مقابلو ڪرڻ لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ اهڙي قسم جي بغاوت ڪئي وئي، جنهن جو تاريخ ۾ مثال نه ٿو ملي. انهيءَ بغاوت جي قيادت ڪندڙ جسٽس سعيد الزمان صديقي هو، جنهن هاڻي حلف نه کنيو. اهڙي طرح تاريخ چڪر ڪاٽي ساڳئي جاءِ تي موٽي آئي آهي.

ان وقت اهو خدشو ڏيکاريو ويو هو ته سجاد شاهه خلاف بغاوت پنيان نواز ۽ سندس ويجهن ساٿين جو ڪردار هو. پر اهي ٻئي افسوسناڪ واقعي جا به ذميوار هئا. جڏهن سجاد شاهه (سجاد علي شاهه) نواز شريف خلاف پٽيشن جي شنوائي ڪري رهيو هو ته حڪمران جماعت جي هجوم عدليه تي حملو ڪري ڏنو. جيڪڏهن شاهه، نواز کان بدلو وٺڻ لاءِ ڪجهه اڳتي وڌي ويو هو ته نواز (نواز شريف) به گهڻو اڳتي وڌي عدليه سان پوڳ ڪيو.

